SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر V مجريه 1974

SINDH ORDINANCE NO.V OF 1974

اولهه پاڪستان فشريز (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1974

THE WEST PAKISTAN FISHERIES (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1961 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XXX جي پهرين شيڊول جي ترميم
Amendment of First Schedule to West Pakistan Ordinance XXX of 1961

سنڌ آرڊيننس نمبر V مجريہ 1974

SINDH ORDINANCE NO.V OF 1974

اولھ پاڪستان فشريز (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1974

THE WEST PAKISTAN FISHERIES (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

[28 فيبروري 1974]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولھ پاڪستان فشريز آرڊيننس، 1961 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولھ پاڪستان فشريز آرڊيننس، 1961 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هينئيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي اولھ پاڪستان فشريز (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1974 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

2. سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهه پاڪستان فشريز آرڊيننس، 1961 جي پهرين شيڊول جي ڪالم 4 ۾، جريان نمبر 3، 4 ۽ 5 جي سامهون لفظ "آگسٽ" لاءِ لفظ "جولاءِ" متبادل ٿيندو.	1961 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XXX جي پهرين شيڊول جي ترميم Amendment of First Schedule to West Pakistan Ordinance XXX of 1961

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.